# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1974
# سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE SINDH PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)


1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 42 جي ترميم
Amendment of Section 42 of Sindh Ordinance II of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1974

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1974

## سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1974

## THE SINDH PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[12 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي 18 فيبروري 1972 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

1972 جي سنڌ

2. سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 جي دفعہ

| | |
|---|---|
| 42 جي ذيلي دفعہ (4) ۾، شرطيہ بيان جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون وڌيڪ شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو، يعني:<br>"بشرطيڪ وڌيڪ اهو تہ ڪائونسل حڪومت جي منظوري سان نيلامي جون آچون گهرائڻ ڪانسواءِ ٺيڪي ۾ داخل ٿي سگهي ٿي."<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | آرڊيننس II جي دفعہ 42 جي ترميم<br>Amendment of Section 42 of Sindh Ordinance II of 1972 |